ABC
THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
ھڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
68 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) اڱارو 04 آگسٽ 2026ع 20 صفرالمظفر 1448ھ صفحا 06 - ملھ 30 وپيا شمارو (349)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com
Tuesday 4th August 2026

پيپلز پارٽي ڪالعدم ايڪشن ڪميٽي سان گڏجي مظفرآباد ۾ چوڪ تي هنگامو ڪرايو: رانا ثناءُ الله جو الزام

پارليامينٽ ۾ سياسي پارٽيون موجود آهن. نقويءَ جو نون صوبن بابت بيان سمجهه ۾ نه آيو. محسن نقوي عجيب ڳالهه ڪئي آهي مون سنڌس تقرير ٻڌي، پر سمجهه ۾ نه آئي

نئين صوبن ۽ انتظامي يونٽن جي قيام جو طريقيڪار آئين ۾ موجود آهي. ان معاملي تي پارليامينٽ ۾ بحث ٿيڻ گهرجي. پر حتمي فيصلو پارٽي قيادت ڪندي

2013ع کان 2018ع تائين پنجاب ۾ مسلم ليگ (ن) جي حڪومت هئي، جنهن دوران هن پاڻ پنجاب ۾ ٻن صوبن جي قيام بابت ٺهراءُ ۽ لاڳاپيل ڪميشن جي تجويز پيش ڪئي هئي

نون صوبن جو قيام هڪ پيچيده معاملو آهي، جنهن تي سنجيده صلاح مشوري جي ضرورت آهي. ملڪ ۾ ننڍا صوبا، مضبوط بلدياتي نظام، يا ٻئي ڳالهيون به ٿي سگهن ٿا

آزاد ڪشمير ۾ آزادانه ۽ منصفاڻيون چونڊون ڪرايون ويون. اسان سادي اڪثريت حاصل ڪري ورتي آهي. اليڪشن ڪميشن، انتظاميه ۽ سيڪيورٽي ادارن کي واڌايون پيش ڪريون ٿا

پ پ شڪست کانپوءِ ڌانڌليءَ جو بيانيو ناهڻ شروع ڪيو. پ پ پهرين 13 تڪن ۾ ڌانڌليءَ جا الزام لڳائيندي رهي، ثبوت گهرڻ تي پ پ جي ڌانڌليءَ جي دعويٰ 13 کان 4 تڪن تي اچي وئي

اسان جي پارٽي جلسا جلوس ڪري جمود ٽوڙيو، سياسي سرگرميون ڪيون. پ پ جي اڳواڻن ڌانڌليءَ جا الزام لڳائي پنهنجي قيادت کي غلط گائيڊ ڪيو: رانا ثناءُ الله ۽ انجنيئر امير مقام جي پريس ڪانفرنس

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وزيراعظم جي سياسي معاملن بابت صلاحڪار رانا ثناءُ الله، وفاقي گهرو وزير محسن نقوي جي نون انتظامي يونٽن يا صوبن جي قيام بابت بيان کي سمجهه کان ٻاهر قرار ڏئي ڇڏيو ۽ چيو آهي ته پيپلز پارٽي ڪالعدم ايڪشن ڪميٽي سان گڏجي مظفرآباد ۾ چوڪ تي هنگامو ڪرايو. خانگي ٽي وي چئنل سان ڳالهائيندي رانا ثناءُ الله چيو ته

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2



اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت ۾ ايڪونامي ۽ سيڪيورٽي جي حوالي سان اعليٰ سطحي گڏجاڻي ٿي رهي آهي

سڄي ملڪ ۾ سون جي قيمت ۾ 1700 رپين جي واڌ رڪارڊ، في تولو سون 4 لک 28 هزار 436 رپين جو ٿي ويو

اسلام آباد (اي پي پي) سڄي ملڪ ۾ سون جي قيمت ۾ 1700 رپين جي واڌ سان في تولو سون 4 لک 28 هزار 436

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2



اسلام آباد: وفاقي وزير احسن اقبال تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

صدر پاران پوليس آفيسرن ۽ جوانن کي خراج تحسين پيش

پوليس جوانن ملڪ جي امن ۽ سلامتي لاءِ جانيون قربان ڪيون: صدر آصف زرداري

خاص طور خيبرپختونخوا ۽ بلوچستان ۾ پوليس آفيسرن ۽ جوانن جو معترف آهيان

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري چيو آهي ته پاڪستان پوليس جي انهن بهادر آفيسرن ۽ جوانن کي خراج

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

آمريڪا سان هن وقت ڳالهيون نه پيون ٿين، ٽرمپ جو بيان رد ڪريون ٿا، پاڪستان ٺهي ٽياڪڙي ڪندڙ ملڪ آهي: ايران

ايران ۽ آمريڪا سان لاڳاپيل معاملن ۾ پاڪستان ٽياڪڙ جو ڪردار ادا ڪري رهيو آهي، جتي ضرورت پوي ٿي، اتي قطر پڻ سهڪار فراهم ڪري ٿو: اسماعيل بقائي

ايران ۽ آمريڪا جي ڳالهين لاءِ ڪنهن به ٽئين ٽياڪڙ کي شامل ناهي ڪيو ويو. چيني دوست صورتحال کي وڌيڪ خراب ٿيڻ کان روڪڻ لاءِ پنهنجيون صلاحيتون استعمال ڪن پيا

ايران هن وقت آمريڪا سان ڪا به ڳالهه ٻولهه ناهي ڪري رهيو. "في الحال نه اسان ڪنهن آمريڪي وفد جي ميزباني ڪرڻ وارا آهيون ۽ نه ئي ڪنهن ملڪ جا مهمان بڻجڻ وارا آهيون"

اسان جي ڪوشش آهي ته عمان سان مشاورت ۽ سهڪار ذريعي جلد کان جلد اهڙو رستو طئي ڪيو وڃي، جنهن سان آبناءِ هرمز ۾ جهازراني جي سلامتي کي يقيني بڻائي سگهجي

عمان سان ڪنهن به امڪاني مفاهمت جو مطلب اهو قطعي ناهي ته آبناءِ هرمز ٻيهر کوليو ويندو. متفقه رستو نه موجود هئڻ وارو ۽ نه ڏکيو هوندو، پر ٻنهي ڌرين جي اتفاق سان هڪ نئون رستو اختيار ڪيو ويندو

تهران (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ايراني پرڏيهي وزارت جي ترجمان اسماعيل بقائي چيو آهي ته ايران ۽ آمريڪا سان لاڳاپيل معاملن ۾ پاڪستان ٽياڪڙ جو ڪردار ادا ڪري رهيو آهي، جڏهن ته جتي ضرورت پوي ٿي اتي قطر پڻ سهڪار فراهم ڪري ٿو. تهران ۾ پريس ڪانفرنس دوران اسماعيل بقائي چيو ته ايران ۽ آمريڪا جي ڳالهين لاءِ ڪنهن به ٽئين ٽياڪڙ کي شامل ناهي ڪيو ويو هن

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2



اسلام آباد: ڪشمير سان يڪجهتي واري ڏهاڙي جي حوالي سان وفاقي راڄڌاني ۾ هڪ فلاءِ اوور کي بينرن سان سينگاريو ويو آهي

آزاد ڪشمير جي چونڊ نتيجن کي خوش دلي سان تسليم ڪيو وڃي: وفاقي حڪومت

جمهوري نظام ۾ سياسي پوائنٽ اسڪورنگ معمول جو حصو آهي، عوام ڪارڪردگي جي بنياد تي فيصلو ڏنو

آزاد جمون ۽ ڪشمير قانون ساز اسيمبلي جي چونڊن جي ٻئي مرحلي ۾ به پاڪستان مسلم ليگ (ن) کي برتري حاصل ٿي

سياسي پارٽين نه رڳو جلسا جلوس منعقد ڪيا پر آزاد جمون ۽ ڪشمير ۽ پناهگيرن جي سيٽن تي پڻ ڀرپور سياسي سرگرميون جاري رهيون

اسلام آباد (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ چيو آهي ته جمهوري نظام ۾ سياسي پوائنٽ اسڪورنگ معمول جو حصو ۽ سياست جو لازمي رخ آهي جڏهن ته الزام براءِ الزام جي

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

نائب وزيراعظم جي عباس عراقچي کي پاڪستان جي دوري جي دعوت

پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار ايران جي پرڏيهي وزير سان فون تي رابطو ڪيو

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار سومر ڏينهن ايران جي پرڏيهي وزير سيد عباس عراقچي سان ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه ڪئي، ٻنهي اڳواڻن خطي ۽ عالمي سطح

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

مصر جي شهر الشيخ جي اتر اوير ۾ 5.5 جي شدت جو زلزلو رڪارڊ

قاهره (اي پي پي) مصر جي ساموندي شهر شرم الشيخ جي اتر اوير ۾ صبح جو

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم پاران نجڪاري پروگرام جا سمورا مرحلا مقرر مدي ۾ مڪمل ڪرڻ جي هدايت

نجڪاري جي مختلف مرحلن جي وقت سر تڪميل لاءِ لاڳاپيل وزارتون ۽ ادارا گڏيل رابطي سان ڪم ڪن: وزيراعظم

زرعي ترقياتي بئنڪ جي نجڪاري جو طريقيڪار اهڙي انداز ۾ جوڙيو وڃي جو بئنڪ جو بنيادي مقصد ۽ زرعي شعبي ۾ ان جو ڪردار برقرار رهي

نجڪاري کانپوءِ به ننڍي ۽ وچولي درجي جي آبادگارن کي زرعي قرضن ۽ مالي وسيلن جي فراهمي ۾ زرعي ترقياتي بئنڪ جو ڪردار برقرار رهي

پاڪستان انٽرنيشنل ايئرلائينز ۽ فرسٽ وومين بئنڪ جي نجڪاري جي حوالي سان فنانشل ڪلوزنگ جو مرحلو مڪمل ٿي چڪو آهي

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف نجڪاري پروگرام جا سمورا مرحلا مقرر مدي ۾ مڪمل ڪرڻ جي هدايت ڪندي چيو آهي ته نجڪاري جي مختلف مرحلن جي وقت سر تڪميل جي

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

پراڊڪٽ	پراڻو اگهه	واڌ / گهٽتائي	نئون اگهه
ڊيزل	392.38	2.45	389.93
پيٽرول	336.03	4.08	331.95

ڪشمير استحصال ڏهاڙو: سڀاڻي سڄي پاڪستان ۾ صبح 9 وڳي هڪ منٽ جي خاموشي اختيار ڪئي ويندي

اسلام آباد (اي پي پي) ڪشمير استحصال ڏهاڙي جي موقعي تي سڄي پاڪستان ۾ ڪشميري عوام سان يڪجهتي جي اظهار ۽ حمايت جي لاءِ 5 آگسٽ تي صبح 9

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: چيف سيڪريٽري جو چوماسي ۽ برساتن کي منهن ڏيڻ بابت اهم اجلاس

چيف سيڪريٽري جو آگسٽ ۽ سيپٽمبر تائين مڪمل تياريون برقرار رکڻ جو حڪم

ٽائون ۽ يونين ڪائونسل سطح تائين برساتي ايمرجنسي انتظام فعال رکڻ جي هدايت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه چوماسي ۽ برساتن کي منهن ڏيڻ بابت اهم اجلاس

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

نقوي جو بيان نظرانداز ڪيو، هن وقت حڪومت ۽ رياستي ادارن ۾ اتحاد ضروري آهي: نواز شريف جي پارٽي کي هدايت

لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) اڳوڻي وزيراعظم ۽ پاڪستان مسلم ليگ (ن) جي صدر

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2



ڪراچي: چيف سيڪريٽري سيد آصف حيدر شاهه جي صدارت ۾ چوماسي جي برساتن بابت گڏجاڻي ٿي رهي آهي

پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ تيزي، 100 انڊيڪس 1 لک 78 هزار 573 پوائنٽس تائين پهچي ويو

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ ڪاروباري هفتي جي پهرين ڏينهن زبردست تيزي ڏسڻ ۾ آئي ڪاروبار

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

چيئرپرسن بي آءِ ايس پي جي هيڊڪوارٽرز ۾ لائيو اي ڪچهري

شڪايتن کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪرڻ لاءِ رپورٽ ڏني وڃي: روبينا خالد

صدر آصف زرداري ۽ وزيراعظم کي پروگرام جي ڪارڪردگي ۽ شفافيت تي اعتماد آهي

بي آءِ ايس پي جا سمورا وظيفا، سهولتون ۽ خدمتون مڪمل طور تي مفت آهن: چيئرپرسن

اسلام آباد (اي پي پي) بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي چيئرپرسن سينيٽر روبينا خالد سومر ڏينهن بي آءِ ايس پي

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

پاڪستان جو نظام قومي سڌارن جي دور ۾ داخل ٿي چڪو آهي: احسن اقبال

اڄ پاڪستان جو سفر هڪ پارٽي يا حڪومت جو نه پوري قوم جي اجتماعي ڪوشش آهي

پاڪستان کي چئلينجز باوجود اهو ثابت ڪرڻو آهي ته قومي نظام ناڪام يا ختم ٿي چڪو آهي

اسلام آباد (اي پي پي) رٿابندي، ترقي ۽ خاص قدمن واري وفاقي وزير پروفيسر احسن اقبال چيو آهي ته اڄ پاڪستان هڪ نئين صبح جي چانئٺ تي بيٺل آهي اهڙي صبح جي اميد، عزم

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

مهمند ايجنسي ۾ پوليس چوڪي تي حملو ناڪام، دهشتگرد فرار

خارئي دره پوليس چوڪي تي اڻڄاتل هٿياربند دهشتگردن حملي جي ڪوشش ڪئي

پوليس اهلڪارن وقت سر جوابي فائرنگ ڪندي دهشتگردن جا ناپاڪ ارادا ناڪام بڻائي ڇڏيا

پشاور (اي پي پي) مهمند پوليس وقت سر جوابي ڪارروائي ڪندي اسبار ٿاڻي جي حدن ۾ خارئي پوليس چوڪي تي دهشتگردن جو حملو ناڪام بڻائي ڇڏيو دهشتگرد فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

آمريڪي شهر پورٽ لينڊ ۾ فائرنگ، هڪ شخص اجل جو شڪار، 5 زخمي

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪي رياست اوريگن جي شهر پورٽ لينڊ جي رهائشي

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ گهر ۾ فائرنگ سبب 32 سالن جو نوجوان قتل، لاش اسپتال منتقل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ شاهه

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ پارن جي قد جي واڌ ويجهه رڪجڻ جي شرح گهٽائڻ لاءِ حڪومت ۽ ورلڊ بئنڪ جو گڏيل حڪمت عملي تي اتفاق

صحت، غذائيت، پاڻي ۽ صفائي، سماجي تحفظ ۽ زراعت شعبن کي هڪ فريم ورڪ هيٺ آڻڻ جو

بدين، جيڪب آباد، ڪشمور، ميرپورخاص، شڪارپور، عمرڪوٽ سميت 10 ضلعن ۾ پهرين مرحلي ۾ پروگرام لاڳو ٿيندو

وڏي وزير مراد علي شاهه جي صدارت ۾ مانيٽرنگ نظام، ڊيٽا سسٽم ۽ ضلعي سطح تي نگراني جو فريم ورڪ قائم ڪرڻ جي منظوري

ڪراچي (رپورٽ : مجيد عباسي) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ۽ ورلڊ بئنڪ جي ڪنٽري ڊائريڪٽر محترمه بولورما آمگابازار سومر ڏينهن سنڌ ۾ ٻارن جي قد جي واڌ ويجهه رڪجڻ جي شرح کي تيزيءَ

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2



ڪراچي: وڏو وزير سيد مراد علي شاهه ورلڊ بئنڪ جي ڪنٽري ڊائريڪٽر بولورما اسغا بازار سان گڏجاڻي ڪري رهيو آهي چيف سيڪريٽري پڻ موجود آهي



ڪراچي: چيف جسٽس يحيٰ آفريدي جسٽس مسرت هلالي جي الوداعي پارٽي جي موقعي تي سپريم ڪورٽ جي ججن ۽ بار جي ميمبرن سان گڏ بيٺل آهي

سنڌ ۾ مون سون برساتن دوران وڌيڪ 5 فوتگيون، مجموعي انگ 10 ٿي ويو: پي ڊي ايم اي رپورٽ

ٿرپارڪر ۾ 4 ڄڻا ٻڏي فوت ٿي ويا، بدين ۾ گهر جي ڇت ڪرڻ سبب هڪ شخص حياتي وڃائي

ميرپورخاص جي ڪوٽ غلام محمد ۾ 112 ملي ميٽر برسات، ڪيترن ضلعن ۾ تيز وسڪارو رڪارڊ

متاثر ضلعن کي 24 ڊي واٽرنگ گاڏيون، مڇر دانيون ۽ امدادي سامان فراهم ڪيو ويو: پي ڊي ايم اي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي ڊزاسٽر مينيجمينٽ اٿارٽي (پي ڊي ايم اي) سنڌ

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

آزاد ڪشمير چونڊن ۾ ڌانڌلي تي، پيپلز پارٽي آئيني ۽ جمهوري فورمن تي آواز اٿاريندي: شرجيل ميمڻ

ن ليگ ۽ اليڪشن ڪميشن وچ ۾ ڳٺجوڙ نظر آيو. پيپلز پارٽي ڪنهن به صورت ۾ سياسي ميدان خالي نه ڇڏيندي

چيف اليڪشن ڪمشنر ۽ سندس پوري ٽيم ن ليگ جي "بي ٽيم" بڻيل رهي. اليڪشن ڪميشن کي لکت ۾ ڪيترين ئي شڪايتون ڏنيون

بلاول ڀٽو زرداري اڳ ئي چيو هو ته جيڪڏهن عوام جي مينڊيٽ تي ڌاڙو هنيو ويو ته حڪومت جا ڏينهن ڳڻڻ شروع ٿي ويندا

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) سنڌ جي سينيئر وزير ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جي

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

بهادرآباد جهيڙو: ايم ڪيو ايم مرڪز تي ڇڪتاڻ بعد ڪيترائي اڳواڻ ۽ ڪارڪن گرفتار

فائرنگ ۽ ڇڪتاڻ واري واقعي بعد پوليس ڪارروائي. سوسائٽي سيڪٽر انچارج ذيشان حبيب ۽ رحمان عرف ٻولا گرفتار

بهادرآباد مرڪز پاران پوليس جي وڏي تعداد مقرر. آفيس سيل ڪرڻ بابت ڪو باضابطه حڪم موجود ناهي: ذريعا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايم ڪيو ايم پاڪستان جي بهادرآباد مرڪز تي ٻن ڌرين وچ ۾ ٿيل جهيڙي، فائرنگ ۽ ڇڪتاڻ واري

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

ڪراچي سرجاني ٽائون ۾ هڪ شخص ڦاهو کائي خودڪشي ڪري ڇڏي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سرجاني ٽائون جي

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

سينيئر صحافي شاڪر سولنگي جو نوجوان پٽ دل جي دوري سبب لاڏاڻو ڪري ويو

اسلام آباد (اي پي پي) اسلام آباد جي سينيئر صحافي شاڪر سولنگي جو نوجوان پٽ دل جي دوري پوڻ سبب لاڏاڻو ڪري

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

او جي ڊي سي ۽ ڪئنيڊين ڪمپني ۾ معاهدو، هائي ڪروڊ آئل فيلڊز جي پيداوار وڌائڻ لاءِ جديد ٽيڪنالاجي متعارف

سائنرجسٽڪ آئل ٽولز جي پيٽرو انرجي ٽول ٽيڪنالاجي سان تيل جي وهڪري ۾ بهتري ۽ خرچن ۾ گهٽتائي جو امڪان

او جي ڊي سي جو عالمي ٽيڪنالاجي فراهم ڪندڙن سان سهڪار وڌائڻ ۽ پراڻن فيلڊز مان وڌيڪ پيداوار حاصل ڪرڻ تي زور

پاڪستان ۽ ڪئنيڊا وچ ۾ توانائي شعبي ۾ تعاون کي هٿي، جديد ٽيڪنالاجي سان اپ اسٽريم آئل سيڪٽر کي فائدو ٿيندو

اسلام آباد (پ ر) او جي ڊي سي ايل ۽ ڪئنيڊين ڪمپني جي وچ ۾ ڳالهه تي صحيحون ڪيون ويون آهن. معاهدي تي صحيحن واري تقريب او جي ڊي سي

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2



اسلام آباد: آئل اينڊ گئس ڊولپمينٽ ڪمپني ۽ ڪئنيڊين ڪمپني جي وچ ۾ هاءِ ڪروڊ آئل فيلڊس جي پيداوار وڌائڻ بابت ڳالهه تي صحيحون ڪيون پيون وڃن



اسلام آباد: حضرت امام حسين عليه السلام جي چاليهي جي حوالي سان سبيل ۽ شبيهون سينگاريل آهن

گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي جي حاجي غلام احمد بلور سان ملاقات

ملاقات ۾ سياسي صورتحال ۽ صوبائي مسئلن تي خيالن جي ڏي وٺ

حاجي غلام احمد بلور کي عوام لاءِ ڪيل خدمتن کي زبردست خراج تحسين

قومي يڪجهتي ۽ عوامي ڀلائي لاءِ گڏيل ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي: غلام احمد بلور

اسلام آباد (اي پي پي) خيبر پختونخوا جي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي، عوامي نيشنل پارٽي (اي اين پي) جي سينيئر اڳواڻ حاجي

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

بلاول ڀٽو زرداري جون پوليس جي شهيدن جي ڏهاڙي جي موقعي تي پوليس جي شهيدن کي ڀيٽا پيش

پوليس جي شهيدن جون عظيم قربانيون بهادري، وطن سان محبت ۽ بي لوث وفاداري جي لازوال علامت آهن: بلاول ڀٽو

پوليس فورس جي بهادر مرد ۽ عورت اهلڪارن هميشه دهشتگردي، انتهاپسندي ۽ ڏوهن خلاف جنگ ۾ صفِ اول جو ڪردار ادا ڪيو آهي

پيپلز پارٽي جو شهيدن جي وارثن ۽ فرض سرانجام ڏيندڙ سمورن پوليس اهلڪارن سان يڪجهتي جو اظهار

ڪراچي/اسلام آباد/لاهور (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پوليس جي شهيدن جي ڏهاڙي جي موقعي تي پوليس جي شهيد آفيسرن

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

عوام جي ووٽن سان نه، پر آئين تحت گورنر مقرر ٿيو آهيان: گورنر سنڌ

ملڪ جي ورهاست جون ڳالهيون نامناسب آهن ۽ نڪو چاهيان ٿو ته ملڪ ورهائجي

شاگردن ۾ 7 لک ليپ ٽاپ ورهايا ويا، ايندڙ سال اسڪيم کي وڌيڪ وسيع ڪرڻ جو ارادو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گورنر نهال هاشمي چيو آهي ته هو عوام جي ووٽن سان نه پر آئين تحت گورنر مقرر ٿيو آهي ۽

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2



حيدرآباد: ريلوي ڪالوني ۾ برساتي پاڻي بيهڻ سبب هڪ ٽرين بيٺل آهي

ڀارت ۾ برساتون ۽ لينڊ سلائيڊنگ، 11 ڄڻا فوت، هزارين بي گهر

رياست ڪيرالا ۾ برساتن ۽ لينڊ سلائيڊنگ تباهي مچائي ڇڏي، اسڪول بند

نئين دهلي (اي پي پي) ڀارتي رياست ڪيرالا ۾ برساتن ۽ لينڊ سلائيڊنگ سبب 11 ڄڻا اجل جو شڪار ۽ هزارين بي گهر ٿي

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

برساتن ۾ فوتگيون سنڌ حڪومت جي نااهلي جو نتيجو آهن: حليم عادل شيخ

فوتگيون ۽ 8 زخمي حڪومتي غفلت، ناقص منصوبابندي ۽ بدانتظامي جو ثبوت آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان تحريڪ انصاف سنڌ جي صدر حليم عادل شيخ چيو آهي ته سنڌ ۾ تازين برساتن دوران 9

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ رسڪاري پيپلزپارٽي حڪومت جي نااهلي کي وائکو ڪري ڇڏيو: ڪاشف شيخ

گهڻ روڊ رستا پاڻي سان ڀريل هجڻ سبب معمول جي زندگي متاثر ٿي رهيون آهن

اڳواٽ باخبر رکڻ باوجود نالا صاف نه ڪرڻ سميت انتظامات نه ڪرڻ نااهلي جي انتها آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جماعت اسلامي سنڌ جي امير ڪاشف سعيد شيخ چيو آهي ته سنڌ ۾ سانوڻيءَ جي زوردار وسڪاري سنڌ

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2



ڪراچي: جشن آزادي جي تيارين جي سلسلي ۾ قومي جهنڊن ۽ جهنڊين جي رنگ وارن لباسن جا اسٽال سجايا ويا آهن

ڪراچي سپر هاءِ وي تي هٿياربندن فائرنگ ڪري پوليس اهلڪار کي شهيد ڪري ڇڏيو

جمالي پل ويجهو ڊيوٽي دوران اهلڪار زمان تي نامعلوم هٿياربندن فائرنگ ڪري ڏني

جوابدار پستول ڪسي موٽرسائيڪل تي فرار ٿي ويا، اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٽائي اسپتال منتقل ڪيو

گهرو وزير ۽ وڏي وزير رپورٽ طلب ڪري ورتي، قاتلن جي گرفتاري لاءِ جديد ٽيڪنالاجي ۽ انٽيليجنس ذريعن جي استعمال جي هدايت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي علائقي سپر هاءِ وي تي جمالي پل جي ويجهو نامعلوم هٿياربندن جي فائرنگ ۾ پوليس اهلڪار شهيد ٿي ويو تفصيل موجب پوليس جو چوڻ آهي ته اهلڪار زمان

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

نوان صوبا ناهڻ وارو بيان سنڌ جي وحدت تي وار آهي: سنڌي ادبي سنگت

سنڌ تاريخي، ثقافتي ۽ جاگرافيائي وحدت رکندڙ خطو آهي، ڦيرڦار جون ڪوششون رد ڪيون ٿا

سنڌي اديب ۽ ساڃاهه وند سنڌ جي وحدت ۽ ٻوليءَ جي بقا لاءِ جدوجهد جاري رکندا

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي مرڪزي سيڪريٽري جنرل احمد سولنگيءَ جوائنٽ سيڪريٽري يارو مل

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

آزاد ڪشمير جي چونڊن ۾ هڪ دفعو ٻيهر مسلم ليگ (ن) ڌانڌلي جي تاريخ ورجائي آهي: ناصر شاهه

پيپلزپارٽي چونڊن ۾ ميرٽ جي بنياد تي سيٽون کٽي رهي هئي پر مسلم ليگ ن بدمزدگي ۽ ڌانڌلي وارو ماحول پيدا ڪيو

مسلم ليگ (ن) سدائين جمهوري نظام کي غيرمستحڪم ڪرڻ جون حرڪتون ڪندي رهي آهي، جيڪو عمل ناقابل قبول آهي

صدر آصف علي زرداري هميشه مفاهمت واري سياست کي ترجيح ڏني آهي پر مسلم ليگ ن ان جي خلاف وڃي پئي: عبرت سان ڳالهيون

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي) سنڌ جي وزير بلديات سيد ناصر حسين شاهه چيو آهي ته آزاد ڪشمير جي چونڊن ۾ هڪ دفعو ٻيهر مسلم ليگ (ن) ڌانڌلي جي تاريخ ورجائي آهي، پيپلزپارٽي چونڊن ۾


بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

بلوچستان شاهراهه تي بدامني خلاف ٽرانسپورٽرن جو ڪراچي ۾ احتجاج

روزانو ڊرائيورن کي ڦرڻ، ڀتي خوري ۽ حملن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو: مظاهرين

ڪراچي (بيورو رپورٽ) آل پاڪستان مزدا ٽرڪ گڊز ٽرانسپورٽ ايسوسيئيشن پرچون گڊز ٽرانسپورٽ ڪالهه ڪراچي

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2



فيصل آباد: برسات بعد مختلف رستن تي بيٺل پاڻي سان ماڻهو ۽ ٽريفڪ گذري رهي آهي

ميٽر ڪراچي نيون هيوي گاڏيون ڪي ايم سي جي مختلف کاتن حوالي ڪري ڇڏيون

اليڪٽريڪل اينڊ ميڪينيڪل کاتي کي ٻه ٻوزر لفٽ گاڏيون، اينٽي انڪروچمينٽ کاتي کي هڪ ٽرڪ فراهم

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن (ڪي ايم سي) جي مختلف

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2



بقايا 1 روزاني عبرت

چيو تہ چين کي خطي ۾ تڪرار ۽ عدم تحفظ وڌڻ تي ڳڻتي آهي. بقائي موجب "اسان جا چيني دوست صورتحال کي وڌيڪ خراب ٿيڻ کان روڪڻ لاءِ پنهنجيون صلاحيتون استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن". هن وڌيڪ چيو تہ چين بين ڪيترن ٻين ملڪن وانگر هن سلسلي ۾ مدد ڪري رهيو آهي. ايراني پرڏيهي وزارت جي ترجمان واضح ڪيو تہ ايران هن وقت آمريڪا سان ڪا بہ ڳالهہ ٻولهہ ناهي ڪري رهيو سندس چوڻ هو تہ "في الحال تہ اسان ڪنهن آمريڪي وفد جي ميزباني ڪرڻ وارا آهيون ۽ نہ ئي ڪنهن ملڪ جا مهمان بڻجڻ وارا آهيون". ايراني پرڏيهي کاتي جي ترجمان اسماعيل بقائي چيو آهي تہ هن وقت ايران ۽ آمريڪا جي وچ ۾ ڪا بہ ڳالهہ ٻولهہ جاري ناهي آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ حملا رد ڪرڻ واري اعلان کانپوءِ گذريل رات چيو هو تہ ايران سان نيون ڳالهيون سومر کان شروع ٿينديون اسماعيل بقائي چيو تہ تهران هن وقت آبناءِ هرمز بابت عمان سان جاري ڳالهين تي مڪمل ڌيان ڏئي رهيو آهي جيڪي گذريل ڪجهہ ڏينهن کان جاري آهن هن چيو تہ **اسان جي ڪوشش آهي تہ عمان سان مشاورت ۽ سهڪار ذريعي جلد کان جلد اهڙو رستو طئي ڪيو وڃي، جنهن سان آبناءِ هرمز ۾ جهازراني جي سلامتي کي يقيني بڻائي سگهجي.** هن واضح ڪيو تہ **عمان سان ڪنهن بہ امڪاني مفاهمت جو مطلب اهو قطعي ناهي تہ آبناءِ هرمز ٻيهر کوليو ويندو** اسماعيل بقائي موجب **مفقم رستو نہ موجودا اثر وارو هوندو ۽ نہ ئي موجودا ڏکڻ واري ۾ ٻنهي ڌرين جي اتفاق سان هڪ نئون رستو اختيار ڪيو ويندو** اسماعيل بقائي چيو آهي تہ آبناءِ هرمز ڪنهن بہ صورت ۾ 28 فيبروري کان اڳ واري حالت ۾ واپس نہ ايندو. ياد رهي تہ 28 فيبروري تي آمريڪا ۽ اسرائيل ايران خلاف جنگ شروع ڪئي هئي، جنهن جي ردعمل ۾ ايران هن اهم سامونڊي لنگهہ کي عملي طور بند ڪري ڇڏيو هو ۽ اعلان ڪيو هو تہ آبناءِ هرمز مان گذرندڙ سامونڊي ٻيڙن کي ڪنٽرول ڪرڻ ۽ جهازن تي فيس لاڳو ڪرڻ جو حق حاصل آهي. آمريڪا، ان جا خليجي اتحادي، گڏوگڏ يورپ ۽ ايشيا جي حڪومتن ان موقف جي مخالفت ڪندي چيو آهي تہ آبناءِ هرمز مان گذرڻ جو حق ٻيهر تڪرار کان اڳ وانگر مڪمل آزاد ۽ ڪليل هجڻ گهرجي. جنگبندي واري معاهدي کانپوءِ ايراني حڪومت سامونڊي لنگهہ جي اترئين حصي ۾ ايراني سامونڊي پٽيءَ ويجهو هڪ مخصوص رستو مقرر ڪيو ۽ هدايت ڪئي تہ سموري سامونڊي آج وڃ ان ئي رستي ذريعي ڪئي وڃي.

بقايا 2 روزاني عبرت

روش اختيار نہ ڪرڻ گهرجي. آزاد جمون ۽ ڪشمير جي عوام تعمير ۽ ترقي، عوامي خدمت ۽ سياسي پارٽين جي ڪارڪردگي کي نظر ۾ رکندي پنهنجو فيصلو ڏنو مسلم ليگ (ن) کي ملندڙ سادي اڪثريت عوامي اعتماد جو اظهار آهي جنهن کي جمهوري روايتن موجب خوش دلي سان تسليم ڪرڻ گهرجي سومر ڏينهن صحافين سان ڳالهائيندي وفاقي وزير چيو تہ آزاد جمون ۽ ڪشمير قانونساز اسيمبلي جي چونڊن جي هِنئي مرحلي ۾ بہ پاڪستان مسلم ليگ (ن) کي برتري حاصل ٿي، مسلم ليگ (ن) سادي اڪثريت حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي چڪي آهي. الله تعاليٰ آزاد جمون ۽ ڪشمير ۾ مسلم ليگ (ن) کي جيڪا ڪاميابي عطا ڪئي آهي، اها اسان جي سياسي مخالفن کي هضم نہ ٿي رهي آهي هن چيو تہ چونڊ عمل ۾ عوام ڀرپور انداز ۾ حصو ورتو سياسي پارٽين نہ رڳو جلسا جلوس منعقد ڪيا ۾ آزاد جمون ۽ ڪشمير ۽ پناهگيرن جي سيٽن تي ڀرپور سياسي سرگرميون جاري رهيون هن چيو تہ عوام چونڊ مهم ۾ وڌي چڙهي حصو ورتو ۽ جلسن جلوسن، ڪارنر ميٽنگز سميت مختلف سياسي سرگرمين ۾ فعال ڪردار ادا ڪندي چونڊ عمل کي

آزاد جمون ۽ ڪشمير جي چونڊن جي نتيجن کي خوش دلي سان تسليم ڪرڻ گهرجي ۽ جمهوري عمل کي اڳتي وڌائڻ گهرجي. الزام براءِ الزام ۽ بنا ثبوت الزامن جي ڪا حيثيت نہ آهي عوام چڱي طرح ڄاڻي ٿي تہ تعمير ۽ ترقي ڪنهن ڪئي ۽ ڪنهن وقت ضايع ڪيو هن چيو تہ اڳتي وڌو ۽ سياسي عمل کي ڪشمير ۾ مضبوط بڻائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪريو.

بقايا 3 روزاني عبرت

5.5 جي شدت جو زلزلو ريڪارڊ ڪيو ويو جڏهن تہ فوري طور تي ڪنهن بہ جاني يا مالي نقصان جو اطلاع ناهي مليو پرڏيهي ميڊيا موجب مصر جي قومي فلڪيات بابت اداري ٻڌايو آهي تہ زلزلو سومر جي صبح جو مقامي وقت موجب 3 لڳي آيو زلزلي جو مرڪز زمين جي سطح کان 10 ڪلو ميٽرن جي اونهائي ۾ هيو اداري موجب مختلف علائقن جي رهواسين زلزلي جا لوڏا محسوس ڪيا جڏهن تہ ڪنهن بہ جاني يا مالي نقصان جو اطلاع ناهي مليو زلزلي کانپوءِ مصر جي صحت ۽ آبادي واري وزير خالد عبدالغفار فوري طور تي قومي صحت ايمرجنسي پلان فعال ڪرڻ ۽ وزارت کي متحرڪ ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي صحت واري وزارت سڄي ملڪ جي اسپتالن جي ايمرجنسي وارڊن کي الرٽ ڪري ڇڏيو آهي جڏهن تہ ايمبوليس سروسز ۽ فوري امدادي ٽيمن کي بہ مڪمل طور تي تيار رهڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي زلزلي سبب ڪنهن جي بہ زخمي ٿيڻ جو اطلاع ناهي مليو

بقايا 4 روزاني عبرت

تي ٿيندڙ تازي اڳيرائي تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي جنهن ۾ والايل اوير يروشلم جي خراب ٿيندڙ صورتحال پڻ شامل هئي پرڏيهي آفيس پاران جاري بيان موجب نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار ايراني پرڏيهي وزير سيد عباس عراقچي کي جلد کان جلد پاڪستان جو دورو ڪرڻ جي دعوت پڻ ڏني

بقايا 5 روزاني عبرت

۽ اهلڪارن کي ڀرپور پيتا پيش ڪئي آهي. بلاول هائوس جي ميڊيا سيل پاران جاري ڪيل بيان موجب بلاول ڀٽو زرداري چيو تہ پوليس فورس جي بهادر مرد ۽ عورت اهلڪارن هميشہ دهشتگردي، انتهاپسندي ۽ ڏوهن خلاف جنگ ۾ صفِ اول جو ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ قومي سلامتي توڙي عوام جي تحفظ کي پنهنجي جانين کان وڌيڪ اهميت ڏني آهي. هن چيو تہ پوليس جي شهيدن جون عظيم قربانيون بهادري، وطن سان محبت ۽ بي لوث وفاداري جي لازوال علامت آهن. بلاول ڀٽو زرداري چيو تہ پاڪستان پيپلز پارٽي شهيدن جي وارثن ۽ سڄي ملڪ ۾ فرض سرانجام ڏيندڙ سمورن پوليس اهلڪارن سان مڪمل يڪجهتي جو اظهار ڪري ٿي. پوليس جي شهيدن جون قربانيون ڪڏهن بہ وساري نٿيون سگهجن ۽ اهي هميشہ قوم جي دلين ۾ زنده رهندا. هن عوام تي زور ڏنو تہ دهشتگردي خلاف متحد رهي، قانون جي بالادستي ۽ انصاف کي وڌيڪ مضبوط بڻائي ۽ هڪ پرامن، جمهوري ۽ محفوظ پاڪستان جي قيام لاءِ گڏجي ڪم ڪري، جيئن پوليس جي شهيدن جي قربانين کي حقيقي پيتا پيش ڪري سگهجي. بلاول ڀٽو زرداري دعا ڪئي تہ الله تعاليٰ سمورن پوليس شهيدن جا درجا بلند فرمائي ۽ سندن وارثن کي صبر جميل عطا فرمائي.

بقايا 6 روزاني عبرت

علائقي ۾ فائرنگ سبب هڪ شخص فوت ۽ 5 ڄڻا زخمي ٿي پيا آهن پرڏيهي ميڊيا موجب مقامي اختيارين جي حوالي سان ٻڌايو تہ گذريل ڏينهن صبح جو مقامي وقت موجب 3 لڳي 33 منٽن تي پورٽ لينڊ پوليس جي اهلڪارن کي نارٿ ايسٽ البرٽا اسٽريٽ جي 5800 بلاڪ ۾ فائرنگ جو اطلاع مليو جنهن تي پوليس موقعي تي زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو اختيارين

حکومتِ پاکستان، وزارتِ داخلہ وانسدادِ منشیات





نیشنل ڈیٹابیس اینڈ رجسٹریشن اتھارٹی (نادرا)

ریجنل ہیڈ آفس، کراچی

دفتر کے لیے کرایہ پر جگہ درکار
نادرا رجسٹریشن سینٹر جامشورو

(Tender Notice No. 02/2026-27/Khi)

دفتری عمارت میں درج ذیل خصوصیات ہونا ضروری ہیں:

- دفتری جگہ جامشورو شہر یا اس کے ملحقہ علاقوں میں واقع ہو۔
- کل جگہ (ترجیحاً) 2,000 مربع فٹ سے 3,500 مربع فٹ تک ہو، جو گراؤنڈ فلور پر ہال کی صورت میں ہو، جس میں عوام اور عملے کے لیے علیحدہ واش رومز موجود ہوں اور آسان رسائی والی مرکزی جگہ پر واقع ہو۔
- نمایاں مقام پر واقع ہو، آزاد داخلہ، کشادہ گیٹ اور مرکزی شاہراہ پر واقع ہو۔
- سیکیورٹی کے لحاظ سے موزوں مقام ہو اور عوامی ٹرانسپورٹ کے ذریعے آسانی سے قابلِ رسائی ہو۔
- معذور شہریوں کی سہولت کے لیے وہیل چیئر ریمپ موجود ہو۔
- سیٹلائٹ ڈش انٹینا اور سولر سسٹم کی تنصیب کے لیے چھت دستیاب ہو۔
- مناسب پارکنگ کی سہولت اور عوام کے انتظار (قطار) کے لیے مناسب جگہ موجود ہو۔
- عمارت کی حیثیت (ترجیحاً) کمرشل ہونی چاہیے۔
- کرایہ داری کی مدت کم از کم 10 سال ہو۔

نوٹ:

بولی کا عمل سنگل اسٹیج۔ ٹو اینویلپ طریقہ کار کے مطابق منعقد کیا جائے گا۔ ضوابط کے مطابق الیکٹرانک بڈنگ دستاویزات، جن میں تفصیلی شرائط وضوابط، ضروریات وغیرہ شامل ہیں، رجسٹرڈ بولی دہندگان کے لیے EPADS پر http://eprocure.gov.pk سے دستیاب ہیں۔ الیکٹرانک بولیاں بڈنگ دستاویزات میں درج ہدایات کے مطابق EPADS کے ذریعے 28 اگست 2026ء (جمعہ) صبح 11:00 بجے تک جمع کروانا لازمی ہوں گی۔ دستی بولیاں قبول نہیں کی جائیں گی۔ الیکٹرانک بولیاں اسی روز یعنی 28 اگست 2026ء (جمعہ) صبح 11:30 بجے نادرا ریجنل ہیڈ آفس کراچی کے کانفرنس ہال میں، دستیاب بولی دہندگان کی موجودگی میں کھولی جائیں گی۔ بڈ سیکیورٹی بھی ہارڈ کاپی کی صورت میں جمع کروانا لازمی ہوگی۔

بولی دہندہ درج ذیل تصدیق شدہ دستاویزات، مطلوبہ دیگر معلومات کے علاوہ، لازماً منسلک کرے:

- مالک کی جائیداد سے متعلق دستاویزات کی تصدیق شدہ نقول۔ اگر جائیداد مشترکہ ملکیت میں ہو تو شریک مالک کی جانب سے الاٹی کے حق میں اسپیشل پاور آف اٹارنی فراہم کی جائے۔
- منظور شدہ نقشہ، سائٹ پلان، CNIC، NTN، GST اور SST کی متعلقہ اداروں سے تصدیق شدہ نقول۔
- متعلقہ ادارے کی جانب سے جاری کردہ عمارت کا کمپلیشن اور فٹنس سرٹیفکیٹ۔
- 100 روپے کے غیر عدالتی اسٹامپ پیپر پر حلف نامہ، جس میں یہ تصدیق کی گئی ہو کہ مالک/عمارت کو کسی بھی سرکاری ادارے، اتھارٹی یا محکمے کی جانب سے عارضی یا مستقل طور پر بلیک لسٹ یا نااہل قرار نہیں دیا گیا (اس ضمن میں نادرا کسی بھی قسم کی ذمہ داری قبول نہیں کرے گا)۔
- پیش کردہ قیمت تمام قابلِ اطلاق ٹیکسوں سمیت ہوگی۔
- اگر جائیداد کسی ریئل اسٹیٹ ایجنٹ کے ذریعے پیش کی جائے تو کوئی بروکریج یا سروس چارجز ادا نہیں کیے جائیں گے۔
- نادرا، PPRA رول 33 کے تحت اپنے اختیارات استعمال کرنے کا حق محفوظ رکھتا ہے۔
- اگر منتخب شدہ عمارت کا مالک مطلوبہ اور قابلِ قبول جائیدادی دستاویزات پیش کرنے میں ناکام رہے تو بولی مسترد کی جا سکتی ہے۔
- یہ اشتہار PPRA کی ویب سائٹ www.ppra.org.pk پر بھی دستیاب ہے۔
- یہ اشتہار EPADS 2.0 پر بھی حوالہ نمبر (P69050) کے تحت دستیاب ہے۔

کسی بھی قسم کی معلومات یا استفسار کے لیے درج ذیل پتے پر رابطہ کریں:

PID (I) 1079 /26

اسسٹنٹ ڈائریکٹر (ایڈمن)

نادرا ریجنل ہیڈ آفس، کراچی

E-29، میران محمد شاہ روڈ، M.A.C.H.S، کے ڈی اے اسکیم نمبر 1، کراچی۔ ٹیلی فون نمبر 021-34540828